
درويش درشن

آڌياتمڪ ماهوار رسالو



پرم پوجنيه سوامي آشارام صاحب

ॐ

درويش درشن

آڌياتمڪ ماهوار رسالو

سنت شري آشارام آشرم

سابرمتي، احمدآباد-٣٨٠٠٠٥.

٧٥٠٥٠١٠، ٧٥٠٥٠١١ (٠٧٩)

ي - ٢٠

چو : ۴-۵-٦ اپريل-ميءِ-جون ١٩٩٨

خاص نوٽ : پرم پوجنيہ سائين آشارام صاحبن جي جنم
جي شڀ موقعي تي ''درويش درشن'' جو خاص پرچو (هر
جيان) ٽن مهنن جو گڏيل آهي. (اپريل-ميءِ-جوُن)

☆ سُکن جي مٽي ☆

م گياني دنيا اندر رهي، رهي دنيا کان دور
جل جي اندر ڪمل رهي جئن، ڇهي نہ اُنکي پاڻي موُر
م گياني جيڪي، تن کي پاپ نہ ليپ لڳائي ٿو
سورج پنهنجي گرميءَ سان جئن هرڪار چيز سُڪائي ٿو
م گياني جيڪو آهي، ڏسي ٿو سڀني کي يڪسان
جئن هڪجهڙي لڳي هوا، ڪنگال هجي يا ڪو ڏنوان
م گياني هر ڪنهن حال ۾ ڌيرج سان دل لائي ٿو
جئن ڪو ڌرتي کوٽي ٿو، ڪو چندن ليپ لڳائي ٿو
م گيانيءَ ۾ گڻ ڪيئي، آهي زماني ۾ گٿوان
اگنيءَ جهڙو سياءُ اُن جو نانڪ آهي نيڪ انسان.

ر جي شڌيءَ لاءِ پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي.
يترن ئي پرارٿنا مان لاڀ پراپت ڪيو آهي. پرارٿنا ٻه
ڪتيءَ جو قسم آهي. ڀڳوان رامچندر شبريءَ کي نَوَڌا
ڪتيءَ جو اُپديش ڪيو هو. سنتن جو درشن ۽ سنگ ٻه ضروري
ي. ڪبير صاحب جن فرمايو آهي، ”ڪبير درشن سنت ڪا،
حب آوي ياد.“ سنتن جي سنگ ۽ درشن سان پريو ياد پوندو
ي. انڪري سدائين ستسنگ ڪندا ڪريو. مگر سنت اُهو
ين آهي، جو فقط ويس ڌاري هجي. جنهن جو آچار ۽ وهنوار
هجي، سو سنت آهي. جنهن جو من ۽ اِندرين تي قبضو
آهي، سو سنت ڪين آهي. سنت ته اُهو آهي، جو پنهنجو
نجو فرض پالي ٿو. پنهنجو فرض پاليو، اِهو آهي اوهان
ڌرم. ✱✱

☆ وشواس رکو ☆

☆ پڪ ڪريو ته منهنجو ڪڏهن ٻه برو ٿي نٿو
سگهي ۽ منهنجو ڪوبه برو ڪري نٿو سگهي. ڇو ته سيني
۾ هر وقت منهنجو مالڪ ئي واسو ڪري رهيو آهي.
جيڪي ٿي رهيو آهي، سو سڀ ڀڳوان جي حڪم سان
منهنجي فائدي لاءِ ئي ٿي رهيو آهي.

☆ اُپديش امرت ☆

شري سوامي ليلاشاھ مھاراج

اصليت ڇا آھي

ھن وقت يوتڪ واد زور وٺي رھيو آھي. اصليت کان ماڻھن منھن موڙي ڇڏيو آھي. جيڪي ڏسجي پيو، سو سڀ لھرون آھن، پاڻي آھي آتما. جڳت جو سوامي سروشڪتيوان ھڪ ئي پرماتما آھي. سڀ سرشٽيون اُن جون بازيون آھن. اُھو ئي جدا جدا روپ ڌاري وينو آھي. پنجابيءَ ۾ چوندا آھن.

"تڪدي ھئن لوڪ بازي کو، نھين تڪدي بازيگر کو". ماڻھو بازي ٿا ڏسن، پر بازي وجھندڙ بازيگر ڏانھن نٿا نھارين اُن بازيگر کي ڏسو، اُن بازيگر کي پڪڙيو. بازيءَ ۾ اٽڪي پوڻ سان بازيگر کي ھٿ ڪري ڪين سگھبو. يعني جيڪڏھن مالڪ جي سرشٽيءَ روپي بازي ڏسڻ ۾ ئي لڳا رھندا تہ اُن جي بازيگر پرماتما کي پائي ڪين سگھندا. اُن بازيگر کي پسڻ لاءِ ھِردو نرمل ڪرڻ کپي، اندر شڌ ڪرڻ گھرجي.

ڪاغذ جي گلابي گلن مان سڳنڌ ڪانہ ايندي آھي. گلاب جا گل ٽن سون قسمن جا آھن. اُھي سنسار ۾ سڳنڌ ڏين ٿا. اِھي بہ بازيگر جي بازي آھن. بازيءَ جي بدران بازيگر کي پڪڙيو.

ي. آتم ٻل سان يڪت ڪمزور ڪايا (سرير) وارو پرش وڏن
ن مهارٿين کي بہ جهڪائي ڇڏيندو آهي. راجا- مهاراجا،
وان-نرڌن، مورکہ يا ودوان سڀ ئي آتم ٻل سان پورڻ برهم
اني ۽ جي چرڻن ۾ فخر سان سيس جُهڪائي پاڻ کي ڀاڳن
رو سمجهندا آهن. اسان کي هاڻي اهڙو پُرشارٿ ڪرڻو آهي
اسان برهم تيج سان يُڪت ٿي (پرجي) پرڪاشت ٿيون
هڪون).

اسانجو سرير تندرست ٿئي. ان لاءِ ڪير هڪ اُتم پدارٿ
ي اهو اسانکي پراپت ٿئي. جيڪڏهن سرير ٻلوان بڻائڻو
جي تہ اسانجو آهار شڌ، صحت بخش ۽ آلس رهت هجڻ
رجي. تندرست تن جي لاءِ من بہ تندرست گهرجي. اسانجي
۾ مڌُرتا، شانتي، نرملتا، سرلتا، اُدارتا، مڌُر واڻي، اُتساهہ
اُمنگہ وغيرهہ گڻ بہ وڌائڻ گهرجن. اسانجو من بي رس نہ
جي. انميہ، پراڻميہ، منوميہ، وگيانميہ ۽ آنندميہ، پنجن
ڪوشن جو هر طرح سان وڪاس ٿئي. اسانجو من
ڪلياڻڪاري سنڪلپ وارو ٿئي.

तन्मे मन: शिवसंकल्पमस्तु ।

ڪلياڻ دايي ۽ آننددايڪ سنڪلپ ڪندي ئي من
رچائي ۽ جي مارگہ تي ويندو آهي.

☆ ويدواڻي ☆

सं वचर्सा पयसा सं तनूभि:,
अगन्महि मनसा सं शिवेन ।
त्वष्टा सुदत्रो विदधातु रायो,
अनुमार्ष्टु तन्वो यद विलिष्टम ॥

”اسين برهم تيج سان، کير سان تٿا مڌرتا سان ڀرپور بڻجون. ٻلوان سرير ڌارڻ ڪريون. اسانجو من ڪلياڻڪاري بڻجي. پرم داتا، جڳت پتا پرميشور اسان کي ڌن، سک ۽ نروڳتا-سريشٽتا پرڏان ڪري، اسانجي سرير جي نقص وارا انگ کي پرماتما تندرست ڪري.“

(يجرويد ٢٨.٢)

اسان کي پنهنجو سمپورڻ وڪاس ڪرڻو آهي. اسان جو تن تندرست ٿئي، من ڪلياڻ- چنتڪ ٿئي، اسانجي جيون ۾ ستو شيلتا پرويش ڪري ۽ اسين برهم تيج سان تيجسوي ٿيون. سورهن ڪلائن سان اُپريل چنڊ جي اُجل چانڊاڻ جهڙو چمڪندڙ ۽ روشن جيون اسين جيئون.“

حقيقت ۾ برهم ٻل ئي پرم ٻل آهي. آتمڪ ٻل ئي واستوڪ ٻل آهي. اسان ۾ برهم تيج، آتم تيج جو پرڪاش

گيتا - امرت

پرم پوجنيہ سائين آشارم مهراج

ويدڪ ريت انوسار يگيہ شالا ۾ ويهي ديوتائن جي لاءِ
ڪي هومَ هوَن ڪيا وڃن ٿا، سنڪلپ ڪري دان ڪيا وڃن
ان ۾ ڌرم جي پرڌانتا آهي. ڌرم جي ڀاونا جي ٻل تي اهيٌ
پورڻ ڪيا ويندا آهن. مندر يا ايڪانت استان تي ويهي
ري ڪيل پوڄا، اُپاسنا پرڌان آهي. آسڻ، پراڻايام ۽
ـہ وغيره ساڌنا-وِڌين ۾ سماڌيءَ جي اهميت آهي. ويدانت
ـن تنهي کان نيارو آهي. ان ۾ تتو درشن جي اهميت آهي.
ـا ڇا آهي؟ پرماتما ڇا آهي؟ جڳت ڇا آهي؟ مان ڪير آهيان؟
بابت ٻڌو، من ۾ ور ور ويچاريو، ندڌياسن ڪريو ۽ آخر ۾ اُن
جو ساڪياتڪار ڪريو. اهائي ويدانت جي ريت آهي.

ڀڳوت گيتا جنهن ڌرم جي اُپاسنا، يوگہ يا گيان جو ورنن
ري تي اُهو تہ نرالو آهي. اِها يگيہ شالا، مندر، غفا يا نديءَ
اري تي پدم آسڻ لڳائي ڪرڻ واري ساڌنا ناهي. گيتا ۾
ن ڪيل ساڌنا هر روز لوڪڪ وهنوار ۾ بہ ڪري سگهجي
. گيتا ۾ ڇاڻايل ڌرم-انوشنان، ڪرم يوگہ، گيان يوگہ جو

من ئي متر آهي ۽ من ئي شترو آهي. من تي وجيہ حاصل ڪرڻ سان پنجن ئي سريرن جو نيڪ نيڪ وڪاس ٿيندو آهي ۽ وايومنڊل ۾ بہ ڪلياڻڪاري سدويچار ڦهائي آتم ڪلياڻ ڪري سگهندا.

پراڻي ماتر جو پرم هتيشي پرماتما اُدار ۽ داني آهي. هن جي ڪلا ۽ ڪلاڪاري جڳہ-پرسد آهي. پرتڪہ روپ سان بہ ڏسي سگهجي ٿو. پاڻيءَ جي ڦُڙي مان هيءُ سمورو وشوَ ڪيئن رچيو اٿس؟ پرماتما سيني کي شڀ منگل دان ڏيندو ئي رهندو آهي. اسان کي بہ سکہ، ڌن، نروڳتا، شڀ، گڻ ۽ دويہ سد ڀاوَن جو دان ڏي. اسان جي لاءَ تہ آتم تيج ئي سيني کان وڏو ايشوريہ آهي. اسانکي آتم تيج جو دان ڏيو.

اسانجي سرير جو ڪوبہ انگہ نقص وارو هجي تہ اُنکي سنئون ڪريو. اسان جا ڪن اشڀ ٻڌاندا هجن، اکيون اَپويتر ڏسنديون هجن، زبان ٻرو ڀاشڻ ڪندي هجي، هٿ خراب ڪاريہ ڪن، پير خراب رستي رُخ رکن تہ انهن کي شڌ ڪري، شڀ مارگہ، پرماتم پنٿ تي اڳتي وڌون. اسانجن سيني ڪارين، ويچارن ۽ واڻيءَ کي شڌ ڪريو جيئن اسين بہ توهان جهڙا بڻجي توهان ۾ ئي ملي وڃون.

"देवं भूत्वा देवो यजेत् ।"

رڏاوان (صادق) منهنجي وڏائي ڳائن ٿا ۽ سچي دل يعني
م سان منهنجي ڀڳتي ڪن ٿا ۽ سدائين مون ۾ محو (مگهن)
ن ٿا.''

گيتا جو ڀڳت، يا ڀڳوان ڪرشن جو ڀڳت آلسي يا
نوادي نٿو ٿي سگهي. ارجن، اوڌو، آمبريش، لڇمڻ،
مان، ڀرت وغيره ڀڳوان جا اننيہ ڀڳت ئي تہ هئا. ڀڳوان
سواءِ ڪتي بہ هنن جي درشتي ٽڪندي ئي نہ هئي. تڏهن
سندن وهنوار ۾، سندن ڪارين ۾ ڪتي بہ آلسيہ، پلاينواد،
نيرتا ذرا بہ نہ هئي. عام ماڻهو نہ ڪري سگهي اهڙا مهان
ريہ هنن ڪرتويہ نشٺ ڀڳتن ڪيا آهن. پنهنجن ڪارين ۾
نول رهندي بہ پرماتما جي نشٺا ۾ اننيہ رهيا. هنن جو
تويہ-ٻوڌ ڏاڍو دريڍ هيو. ڪين ڪنهن پراپتيءَ جي چنتا
ن هئن. ڀڳوان جو پرم ڀڳت تہ شيوا ڪاريہ ۾ مشغول رهندو
ي ۽ موت بہ اچي وڃي تہ ان کي بہ ڀاڪر پائڻ لاءِ تتپر
ار) رهندو آهي.

ڀڳوان پاڻ چيو آهي تہ

कर्मण्येवाधिकारस्ते मा फलेषु कदाचन (२-४७)

ڪرم ڪرڻ ۾ ئي تنهنجو اڌيڪار آهي، ان جي ڦل تي
ڪار ناهي.

انوشِٺان ورت ماتر ناهي، هوم هون ئي ناهي. گيتا جو يوڳ نہ اهڙو آهي جيڪو روزمره جي زندگيءَ ۾ ساڌارڻ ڪم ڪار ڪندي بہ سڌِ ڪري سگهجي ٿو. ڀوڄن ناهيندي، ڌنڌو-روزگار ڪندي ڪندي يا ڪورٽ ڪچهريءَ جو ڪاريہ ڪندي بہ گيتا جو ڪرم يوڳ آچرڻ ۾ آڻي سگهجي ٿو. اڙي! ڀڳوان شري ڪرشن نہ چون ٿا تہ يڌ ڪندي ڪندي بہ توهان گيتا جو يوڳ سڌ ڪري سگهو ٿا. يڌ ڪندي بہ ان کان نرليپ رهي سگهو ٿا. وشو جو ڪوبہ ڌرم اسانجي لوڪڪ وهنوار کي خانگي نفيس ۽ ڀڳتي بڻائڻ ۾ ايترو شڪتيوان نہ آهي. ڀڳوت گيتا تہ ائين بہ چوي ٿي :

यो मां पश्यति सर्वत्र सर्वं च मयि पश्यति ।
तस्याहं न प्रणश्यामि स च मे न प्रणश्यति ॥

جيڪو پُرش سيني ڀوتن ۾ سيني جو آتم روپ مون واسوديو کي ئي وياپڪ ڏسي ٿو ۽ سيني کي مون واسوديو جو ئي ظهور سمجهي ٿو انهيءَ کان مان الڳہ نہ آهيان ۽ نہ هو مونکان جُدا آهي.

ڀڳوت گيتا جو ڀڳت ڪهڙو هوندو آهي انجو ورڻن ڀڳوان نائين اڌياءَ جي چوڏهين شلوڪ ۾ ڪيو اٿن :

सततं कीर्तयन्तो मां यतन्तश्च दृढव्रता: ।
नमस्यन्तश्च मां भक्त्या नित्ययुक्ता उपासते ॥

ڀڳوت گيتا جي انوسار پوڄاري اُهو آهي جيڪو ڀڳوان
ي پوڄا نہ ڪري ٿو پر مندر يا من مندر ۾ نہ. هنجي پوڄا
مورتي پوڄا آهي ۽ مانسڪ پوڄا. هوُ تہ پنهنجي ڪرمن جي
يعي ئي ڀڳوان جي پوڄا ڪندو آهي. هوُ نشڪام ڪرم
ندو آهي ۽ اهو بہ ايشور-ارپڻ ڀاوُ سان.

ڪنهنجي بہ دل کي چوٽ نہ رسي، ڪنهنجو بہ برو نہ
ي، ڪو نقصان نہ ٿئي ان جو ڌيان رکندي جيڪو ڪرم ڪيو
ي ٿو اهو ڪرم ڀڳيہ آهي، پوڄا آهي، اُپاسنا آهي. اهڙو
رم ڪرڻ وارو ساڌڪ ئي پرماتما جي حقيقي روپ جو
کياتڪار ڪري سگهندو آهي.

گيتا جو ڀڳت جهوپڙيءَ، نديءَ جو ڪنارو يا بن جي ڀيد
نہ ڦاسي ڪرم ڀومي ۽ لوڪ وهنوار ۾ رهندي ئي آڌياتمڪ
ان حاصل ڪندو آهي. ڪڏهن موَن يا ايڪانت جو سهارو وٺي
ي سماج ۾ پرماتما پرساد ورهائڻ ۾ مشغول ٿي ويندو آهي.
ڳت کي اوجسوي ۽ تيجسوي بڻائڻ وارن گياني پرشن جي
وي ڪارين ۾ سچي هرديہ سان لڳي ويندو آهي.

گيتا ۾ سماڌي ڪان بہ سريشٽ هڪ ٻي وسٿو ٻڌايل آهي
متا. سماڌيءَ سان پٽن ٿي سگهي ٿو، ڀڳت جي ڀاونا بدلجي
هي ٿي مگر ساڌڪ جيڪڏهن هڪ دفعو سمتا جي سنگهاسن

توکي ڪرم ڪرڻو آ، ڪر، هوش ڌار
مگر ڦل جو تنهنجي نہ هٿ اختيار.

پشچمي سنسڪرتي چوي ٿي :

FIRST DESERVE AND THEN DESIRE

پهرين لائق بڻج، بليدان ڪر، ان کان پوءِ تون اِڇا ڪر

جينوٽيڪ پوربي سنسڪرتي، گيتا چوي ٿي :

DESERVE ONLY AND NEED NOT DESIRE

توهان فقط توهانجي ڪرتويہ جو پالن ڪريو. لائق بڻجو
اڇا ڪرڻ جي توهان کي ڪا ضرورت ڪونهي.

جيئن ڪارائتو پٽر، لوهہ جو ٽڪر يا بين شين کي اسين
سنڀاليندا آهيون ان ريت ڪرتويہ ڪرم ڪندي ايشور ج
پڳت خود پريوءَ جي ڪارائتي وَستو بڻجي پوندو آهي، سندس
ڦل پراپتي جي ضرورت (اِڇا) نٽي رهجي وڃي. انتريامي
اِيشو پاڻ هنکي سنڀالي وٺندو آهي. سماج ۽ پرڪرتي هنجي
سيوا ۾ تتپر (سجاڳہ) رهندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ نشڪام
ڪرم وير کي اِڇا ڪرڻ جي کهڙي ضرورت ؟ هوءُ نہ ستڪرمن
جي ريت تي هلندي پاڻ کي يوگيہ بڻائيندو آهي. ڦل جي
اِڇا سان هنجو کهڙو مطلب ؟

☆ ستسنگ جي مهما ☆

تلسيداس مهاراج چون ٿا :

एक घड़ी आधी घड़ी आधी में पुनि आध ।
तुलसी संगत साध की हरे कोटि अपराध ॥

هڪ دفعي شڪديو منيءَ جو پتا ڀڳوان ويدوياس مهاراج يڏانهن وڃي رهيو هو. رستي ۾ هنن ڏٺو ته هڪ ڪيئون ڊي تيزيءَ سان رستو پار ڪري رهيو هو. ويدوياس هن کي هنجي يوگ شڪتي ڏئي هن کان پڇيو :

”تون ايترو جلدي رستو پار ڇو ٿو ڪرين ؟ ڇا توکي نهن ڪم سان وڃڻو اٿيئي ؟ تون ته ناليءَ جو ڪيئون آهين. ڪ ناليءَ کي ڇڏي ٻيءَ ۾ ٺي ته وڃڻو اٿيئي، پوءِ ايترو زيءَ سان ڇو پيو ڀڄين ؟“

ڪيئي چيو : ”مهاراج ! ڏڳي گاڏي اچي رهي آهي. ن جي ڳلي ۾ ٻڌل گهنگهرو ۽ ڏڳي گاڏيءَ جو آواز مان ٻڌان و. اگر مان آهستي رستو پار ڪندس ته اُها ڏڳي ڏي اچي مونکي چيپاٽي ڇڏيندين.“

تي براجمان ٿي وڃيتو تہ پوءِ اُتان ڪان هنجو پتن ٿي نتو سگهي. ڀڳوان پاڻ چيو آهي : ”سمتا منهنجو پرم ڌام آهي.“
''यद गत्वा न निर्वतन्ते तध्दाम परमं मम ।''

سماڌي لڳائڻ وارو، ڌيان ڪرڻ وارو يوگي تہ آهي پر وهنواري ۾ رهندي ٻين جي دکہ ۾ دکي ۽ ٻين جي سکہ ۾ سکي (ٻين جي دکہ سکہ کي پنهنجو سمجهي انجو نوارڻ ڪرڻ وارو) رهڻ وارو انکان بہ سريشٽ يوگي آهي.

انهن سڌانتن کي فقط ٻڌيءَ سان گرهڻ ڪرڻ سان ڪم نہ رسندو. اُنکي تہ روزمرہ جي وهنوار ۾ عمل ۾ آڻڻ سان ٿيندو. اهو گيتا جو پرم يوگہ آهي. وشوَ جي ٻئي ڪنهن بہ سمپردايڪ (پنٿ) ڌرم گرنٿ ۾ سينې سان پورڻ ميل-ميلاپ اِستاپت ڪرڻ وارو اهڙي وگيانڪ يوگہ جو ورڻن ڪونہ ملندو.

(هلندڙ........)

☆ ياد رکو : هت جيڪي توکي دکہ يا امنگل ڪاريہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اُهي اُنهيءَ ڪري آهن، ڇو تہ تون سدا آنندميہ ڀڳوان کي نٿو ڏسين. هت جيڪي بہ توکي نظر اچي ٿو، اُهو سڀ ايشور جو ئي پسارو آهي، سندس ليلا جو ئي کيل آهي، اُن جي اندر نتيہ آنند گهن ڀڳوان ئي براجمان آهي. - سوامي ليلاشاھ مهاراج

رهسيہ جلد ئي سمجھہ ۾ اچي ويس.
ستن سالن جي عمر ۾ ڀڳوان ويدوياس هن کي چيو :
ڪارتڪ ڪيتر ۾ نندڀدر نالي هڪ برهمڻ ڪيترن سالن کان
سيا ويٺو ڪري. تون وڃي اُنجي شنڪا جو سماڌان (حل)
ر."
ماتر ستن سالن جو برهمڻ ڪمار ڪارتڪ ڪيتر ۾ تپ
ندڙ هن برهمڻ وٽ پهتو ۽ چيائين : "هي برهمڻ ديو! توهين
سيا ڇو ڪري رهيا آهيو ؟"
برهمڻ : "هي رشي ڪمار! مان اهو ڄاڻڻ لاءِ تپ ڪري
هيو آهيان تہ جيڪي سٺا سچڻ ماڻهو آهن، اهي سهن ويٺا
ن ۽ دکي بہ رهن. پر جيڪي پاپي پُرش آهن، اُهي سکہ سان
ا جيئن، ائين ڇو ؟"
ٻالڪ وراڻيو : "پاپي پرش جيڪڏهن سُکي آهن تہ پاپ
رڻ ڪري نہ، پر اڳلي جنم جي پُڃن ڪري. هوُ پنهنجا
ڄ ختم ڪري رهيو آهي. پاپي منش ٻاهران ڀلي سکي ڏسجن
اندران تہ دکي ئي هوندا آهن.
ڌارمڪ ماڻهو کيءَ صحيح شمجهہ نہ هئڻ ڪري،
حيح مارگہ ۽ منتر نہ ملڻ ڪري هوُ دکي ٿيندو آهي. هوُ
رم جي ڪري نہ پر سمجهہ جي گهٽتائيءَ جي ڪري دکي
يندو آهي. سمجهوءَ کي اگر ڪوئي گرو ملي وڃي تہ هوُ نر
ن نارايڻ بڻجي وڃي، ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟"

ويدوياس مهاراج چيو : ”چيپاتجڻ ڏي. ڪينئي جي جوڻ ۾ جيئي ڪري به ڇا ڪرڻو ؟“

ڪينئي چيو : ”مهرشي ! پراڻي جنهن شرير ۾ هوندو آهي اُن کي ان ۾ ممتا ٿيندي آهي. انيڪ پراڻي طرح طرح جا دک ۽ ڪشٽ ڀوڳيندي به مرڻ نه چاهيندا آهن.“

ويدوياس مهاراج چيو : ”ڊڄي ڳاڏي اچي، تون مري وڃين ته گهبرائج نه. مان توکي يوگ شڪتيءَ سان مهان بڻائيندس. جيسين تائين برهمڻ جي شرير ۾ نه پهچايانءِ، تيسين بين سيني جوڻين کان جلد ئي ڇٽڪارو ڏياريندو مانءِ.“

ان ڪينئي اها ڳالهه مڃي ۽ وچ رستي ۾ بيٺو رهيو مري ويو. ان کان پوءِ وياس مهاراج جي ڪرپا سان هوُ ڪانءُ، گدڙ وغيره جي جوڻين ۾ جڏهن جڏهن پئدا ٿيو، ويد وياس وڃي ان کي اڳلي جنم جي ياد ڏياري. اهڙيءَ طرح هڪ کان پوءِ ٻي هرڻ، پکي، شودر، وئشيه جاتين ۾ جنم وٺندو کتري ذات ۾ پئدا ٿيو. ان کي اتي به ويدوياس درشن ڏنو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ رڻ ڀوميءَ ۾ سرير تياڳي هن برهمڻ جي گهر جنم ورتو.

ڀڳوان ويدوياس هن کي پنجن ورهين جي عمر ۾ ئي سرسوتي منتر ڏنو. جنهنجو جپ ڪندي هوُ ڌيان ڪرڻ لڳو. هنجي ٻڌي ڏاڍي نرالي هئڻ ڪري ويد، شاستر ۽ ڌرم

”تات سوَرَ گہ اَپورِ گہ سُکہ، ڏريئي تولا ايک انگہ،
تول نہ تاهي سکل ملي جو سکہ لوَ ستسنگہ.“

هتي هڪ شنڪا ٿي سگهي ٿي تہ اهو ڪينئون ئي
ري رشي چو نہ ٻڌيو ؟

اڙي ڀائي ! اگر توهان پهرين درجي جا شاگرد هجو ۽
ان کي سڌو هي ايم.اي. ۾ وهاريو وڃي تہ ڇا توهان پاس
سگهندا..؟ نہ ..... ٻيو، ٽيون، چوٿون... ڏهون... ٻارهون...
.اي. وغيره پاس ڪري ئي توهان ايم.اي. ۾ پرويش ڪري
هندا.

ڪنهن چوڪيدار ٽي ڪوئي پرڌان منتري گهٽو پرسن
ي تڏهن بہ هن کي سڌو ڪليڪٽر (ضلع ڍِيش) نٿو بڻائي
هي، اهڙيءَ طرح ناليءَ ۾ رهڻ وارو ڪينئون سڌو منش نٿو
سگهي پر الڳہ الڳہ جوڻين کي پار ڪري ئي هوُ منش بڻجي
ٿو. ها، ايترو ضرور آهي تہ سنت ڪرپا سان انجو
گہ ننڍو ٿي ويندو آهي.

سنت سماگم، ساڌو پُرشن جي سنگہ جي مهما جو ڪيترو
ن ڪجي، ڪيستائين ڪجي ؟ هڪ ساڌارڻ ڪينئون هنن
ستسنگہ کي پائي مهان رشي بڻجي سگهي ٿو تہ پوءِ
ڪڏهن منش کي ڪنهن سنگروءَ جو سانيڌيہ ملي
ي...سندس وچنن انوسار هلڻ لڳي تہ مڪتيءَ جو انڀوءُ ڪري
ون مڪت بہ بڻجي سگهي ٿو.

برهمڻ چيو : ”مان هيترو ڀڄو ٿي ويو آهيان، ايترن سالن کان ڪارتڪ ڪيتر ۾ تپسيا وينو ڪريان. منهنجي تپسيا جو ڦل اهو ئي آهي جو تو جهڙي سنتن سالن جي يوگيءَ جو مونکي درشن ٿي رهيو آهي. مان توکي پرڻام ٿو ڪريان.“

ٻالڪ چيو : ”نه...... نه، مهاراج ! توهان ته برهمڻ ديو آهيو. مان هڪ ننڍو ٻار. مان توهان کي پرڻام ٿو ڪريان.“

هنجي نمرتا ڏسي برهمڻ اڃا به وڌيڪ خوش ٿيو. تپ ڪرڻ ڇڏي هوُ پرماتم چنتن ۾ لڳي ويو. هاڻي هنکي ڪجهه ڄاڻڻ جي اِڇا نه رهي. جنهن سان سڀ ڪجهه ڄاتو ويندو آهي اِن پرماتما ۾ ئي شانتي پائڻ لڳو.

اهڙي طرح نندپدر برهمڻ کي جواب ڏيئي، شنڪا رهت ڪري ستن ڏينهن تائين نِر-آهار رهي، اهو ٻالڪ سوريه منتر جو جپ ڪندو رهيو ۽ اتي ئي ڀودق تيرٿ ۾ هن سرير تياڳ ڪري ڇڏيو. اهو ئي ٻار ٻي جنم ۾ پتا ڪُشاروُ ۽ مئتريه ماتا جي گهر ڄائو. هنجو نالو مئتريه پيو. هنن وياس مهاراج جي پتا پاراشر کان ’وشڻو پراڻ‘ ۽ ’برهت پاراشر‘ هورا شاستر جو ابياس ڪيو. ’پکش پات رهت انيوُ پرڪاش‘ نالي گرنٿ ۾ مئتريه تٿا پاراشر رشيءَ جو سنواد ڏنل آهي.

ڪٿي ته رستي تان گذري ناليءَ ۾ ڪرڻ پيو وڃي ڪينئون ۽ ڪٿي سنتن جي سانيڌيه سان هوُ مئتريه رشي ٻڻجي ويو. ستسنگ جي ڀلهاري آهي ! انڪري تلسيداس مهاراج چون ٿا

هي رامجي ! سنسار روپي نانگہ اگيانين جي هردي روپي
ر گهڙي ويو آهي، سو جوڳہ روپي منتر ڪانسواءِ ٻي ڪنهن
پاءُ سان نڪري نٿو سگهي. نانگہ جي زهر ڪان هڪڙي ئي
ر ۾ موت ٿئي ٿو پر ۽ سنسار روپي زهر ڪان ڪيترن جنمن
جيوُ جمندو مرندو رهي ٿو، شانت ڪڏهن بہ نٿو پائي.
هي رامجي ! جنهن پُرش ستسنگہ ۽ ست شاستر جي
ي آتم پد پاتو آهي تنهن کي اندر ٻاهر سڀ جڳت آنند
ي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ سيني ڪرمن ڪندي بہ هوُ آنند ۾ رهي
پر ستيہ جو ويچار تياڳي سنسار ۾ لڳي رهيو آهي، تنهن
سنسار انرٿ روپ ۽ ڏکن ڏيڻ وارو ٿئي ٿو. اهڙي پرش
نرڪ روپي باھ ۾ جلڻ، چڪيءَ ۾ پيسجڻ، سنگهار ٽيڻ،
ٽي ۾ پيڙجڻ، هٿيارن سان ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ ۽ ٻيا انيڪ
ڪارن جا وڏا وڏا ڏکہ ملن ٿا. جن پدارٿن کي هي جيوُ سندر
ي ٿو سي چڪر وانگر چنچل آهن ۽ استر ڪڏهن بہ نٿا
ن. جي پرش ست مارگہ کي تياڳي انهن پدارٿن جي اِڇا
ن ٿا سي وڏا دکہ پائين ٿا. انهن جو دکہ هن ڪري نٿو لهي
هوُ گيان نمت پُرشارٿ نٿا ڪن، پر جي سنسار کي بي رس
ي پُرشارٿ ڪن ٿا تن کي آتم پد ملي ٿو. هي رامجي!
ن پُرش آتم پد کي پاتو آهي تنهن کي موتي ڪڏهن بہ
نٿو لڳي ۽ اگيانيءَ کي هي سنسار دکہ روپ ٿئي ٿو، چاڪاڻ
ان کي ترشنائن روپي باھ جلائي ٿي، انڪري ترشنائن

گيان ڌارا

شري وسشٽ مهاراج يوگ وسشٽ مها-راماڻ ۾ فرمايو آهي ته :

هي رامجي ! سنسار انرٿ روپ آهي. جو پرش انهيءَ انرٿ روپ سنسار جي ٻنڌن کي نٿو ٽوڙي تنهن کي راڳ دويش روپي باه جلائيندي رهي ٿي، پر جنهن پرش پنهنجي پرشارٿ سان شاسترن ۽ گروءَ جي وڏيءَ انوسار گيان جي ساڌنا ڪئي آهي، سو آتم پد کي پهتو آهي. جيئن وسندڙ برسات ۾ جهنگل کي باه نٿي جلائي سگهي تهڙيءَ طرح گيانيءَ کي اڌياتمڪ، آڌيوتڪ ۽ آڌيوتڪ تاپ ڪليش ڏيئي نٿا سگهن. جن پرشن سنسار کي بي رس ڄاڻي تياڳي ڇڏيو آهي، تن کي موٽي سنسار جا پدارٿ ڪيرائي نٿا سگهن ۽ مورکن کي ڪيرائي ڇڏين ٿا. جيئن طوفان لڳڻ ڪري ٻيا سڀ وڻ ڪري پون ٿا پر ڪلپ برڇ نٿو ڪري. تيئن جنهن پرش ستسنگ ۽ ست شاسترن دوارا آتم پد کي پاتو آهي سو سنسار جي دل-دل ۾ ڪري ٿو. اُهو اُتم پرش برهم گيان پائي ابناسي آنند سان سدائين پورن رهي ٿو ۽ سڀ جڳت ان کي آنند روپ ڄاڻڻ ۾ اچي ٿو. پر جو سم درشٽي نه آهي، تنهن کي جڳت انرٿ رُوپ ڄاڻڻ ۾ اچي ٿو.

☆ ڪٿا امرت ☆

سنسار ڪرم ڀومي آهي

هڪ دفعي ماتا پاروتي ڀڳوان شوَ کان پڇيو : ”ڀڳوان!
…ي وقت کان منهنجي من ۾ هڪ شنڪا پئدا ٿي آهي. ڪرپا
…ي توهان انجو نوارڻ ڪريو. ائين ڏٺو ويو آهي تہ اهڙا
…ڪي ماڻهو آهن جيڪي ٿوري ڪوشش ڪندا آهن ۽ بس
…۾ خود بہ خود سهڻا ارٿ، وَستر، زيور وغيره ڏن ۽ مان پيو
…يان پٺيان لامارا ڏيندو اٿن. ٻيا تہ وري اهڙا جو خوب
…شش ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڳڻ ڳٽيو ئي حاصل ڪري سگهندا آهن.
…ي اهڙا بہ آهن جيڪي زندگيءَ ڀر محنت ڪندا آهن پوءِ
…رڊن ئي رهجي ويندا آهن. پريو! جڏهن سرشٽي ڪرتا هڪ
… آهي، سيني جو متر هڪ اُهو ئي آهي تہ سيني کي هڪ
…ڙو ڇو نٿو ملي ؟“

ڀڳوان شنڪر وراڻيو : ”هي پاروتي ! ڌيان سان ٻڌ.
…ن ڪنهن بہ منش جوڻ ۾ پوءِ ڀلي هڪ جنم ڀرين، ڏهہ
…ر ڀرين يان پنجاهہ جنم ڀرين ري گهري ضروتمندن کي
… هوندو ۽ مليل ملڪيت جو ست اُپيوگہ ڪيو هوندو تہ قدرت

کي گهٽ ڪندو وڃجي، پرماتما شانتي وڌائجي. ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڪرڻ پنهنجي قبر کوٽڻ برابر آهي. گياني ڳالهين ترشنائن کي ڀُلائي سنسار کي سپنو سمجهي ساکي سروپ پرماتما ۾ جڳيا رهن ٿا.

”من تون جوتي سروپ،
اپنا مول پڇاڻ.“

جنهن پنهنجو مول سڃاتو ان برهم گيان پاتو.

برهم گيان پائڻ ۾ ڪمي آهي ته هڪ ڳالهه جي ته ان طرف اسان جي بڪ ڪانهِ جڳي آهي. اگر بڪ جڳايون ته جيترو وقت آهي، يوگيتا آهي اُها ڪافي آهي. نشور سنسار جي پدارٿن جي جيتري بڪ آهي ان کان اڌ به پرماتما کي پائڻ جي لڳي ته بيڙو ئي پار ٿي وڃي.

☆ جڳياسوءَ کي وويڪ وئراڳ جي ضرورت آهي. جهڙيءَ ريت پڪيءَ جي اُڏامڻ لاءِ ٻه پر (کنڀ) ضروري آهن ۽ انهن کانسواءِ هوُ جيئي ڪين سگهندو، تيئن وويڪ ۽ ويراڳ روپي کنين سان ئي جڳياسوُ آتم رس کي پائي سگهي ٿو. وويڪ جي دوارا ئي خبر پوي ٿي ته ست ڇا آهي ۽ است ڇا آهي. وئراڳ است جو تياڳ ۽ ست جو گرهڻ ڪرائي ٿو.

نهه هوندو اٿن، تنهن هوندي به سندن پريوار ۾ هنن جي
مت نه پوندي اٿن. ڪي وري اهڙا نرالا جن وٽ نه ڌن دؤلت
ڪا ستا، نه شاريرڪ ٻل، نه ڪا سونهن، مُنهن پر هڏين جو
رو ته سندن شرير هوندو اٿن تڏهن به سندن پريوار جو،
ن جو ڏاڍو سنيهه کين ملندو اٿن.“

شو ڀڳوان : ”هي اُما ! جن اڳلي جنم ۾ ٻالڪپڻ ۾
جم سان ۽ ٻين کي مان ڏيندي جيون گذاريو آهي انهن کي
ٽمبي سنيهه ڪندا آهن. هوُ غريب هوندي به سکي جيون
ئندا آهن. جن اڳلي جنم جي دان-پڇ جي ٻل سان ڌن ستا
يره حاصل ڪيو آهي پر ٻين کي دل سان پيار نه ڪيو آهي،
ن نه ڏنو آهي، ٻين کي ستايو آهي انهن کي سندن پنهنجا
ٽمبي به سڪ سنِيهه ۽ مانُ نه ڏيندا آهن.“

سنسار هڪ ڪرم ڀومي آهي. توهان جيڪو ڪريو ٿا اهو
مي-ڦري توهان وٽ موٽي ايندو. انڪري توهان سنيهه
ندا ته سنيهه ملندو، مانُ ڏيندا ته مانُ ملندوَ پر مانُ ملي
واسنا سان نه پر جن کي به مانُ ڏيو ’انهن جي گهرائيءَ
منهنجو پرماتما آهي‘ ان ڀاوَ سان مانُ ڏيو ته توهان جي ڀاوَ
پرماتما پرگهٽ ٿيندو ۽ سامهون واري جي هردي ۾ توهان
ي لاءِ مانُ-آدر پرگهٽ (ٿي ويندو) ٿيندو.

مانُ وٺڻ لاءِ نه ڏيڻ لاءِ وهنوار ڪريو. اسان وڏي ۾ وڏي
طي کهڙي ٿا ڪريون ؟ پٽني چاهي ٿي منهنجي هلي، پٽي

اُن کي پاڻيهي سڀ ڪجهہ ڏيندي آهي. جن گهرڻ تي ڏنو هوندو، ڳڻڳڻيون ڏنو هوندو. انهن کيِ هن جنم ۾ محنت ڪرڻ تي ڳڻڳڻيو ملندو آهي ۽ ٻيان اُهي ماڻهو آهن جن اڳلن جنمن ۾ نہ پنهنجي يگيہ ڪيا، نہ گهر آئي مهمان جو ستڪار ڪيو، نہ غريب گهرجائن جا آنسون اُگهيا، نہ گُرن جي سيوا ڪئي. فقط پنهنجي لاءِ ئي ڌن مان جو اُپيوگہ ڪيو، ڪنجوس ئي بڻيا رهيا. اهڙا ماڻهو هن جنم ۾ محنت ڪندي بہ چڱيءَ طرح نٿا پرائي سگهن. قدرت بہ هنن کي ڏيڻ ۾ ڪنجوسي ڪندي آهي.''

ماتا وري پڇيو : ''پريو ! اهڙا ماڻهو بہ تہ آهن، جن کي ڌن-ڌولت تہ اٿاهہ آهي پر تنهن هوندي نہ هوُ اُن جو يوگہ نٿا ڪري سگهن ؟''

ڀڳوان چيو : ''ديوي ! جن زندگيءَ ڀر سنگرهہ ڪيو، مرڻ وقت ڪين ويچار آيو تہ ٿورو ڪجهہ اهڙو ڪريون جو آئينده (مرڻ کان پوءِ) ۾ ڪم اچي.... آئينده ۾ موٽي ملي ان سوارٿ جي ڀاونا سان بنا ويچاري اجايو سجايو دان ڌرم ڪيو. ان جي ڦل سروپ ٻي جنم ۾ ڪين اجايو سجايو ڌن ملندو پر انجو اُپيوگہ هوُ نہ ڪري سگهندا. ڇاڪاڻ تہ جيڪو ڀرين ٻي ڪنهن جي ڪم نہ آيو اُهو هنن جي پنهنجي ڪم ڪيئن ايندو؟''

پارونيءَ چيو : ''هي گيان نڌي ! گهڻا اهڙا بہ پرش آهن جن وٽ اڪيچار ڌن سمپدا، وديا، شاريرڪ ٻل، ٻڌي سڀ

و آهي، توهان جي دل ۾ آنند، مڌرتا ۽ ستيہ ڀُڏي ڏيندو
ان ڪري ايشور جي دئوي ڪاريہ ۾ ساراھ جي چاهنا
و. ساراھ جوڳو ست ڪاريہ ڪريو ۽ اُهو ست ڪاريہ ايشور
ارپڻ ڪري ڇڏيو. ايشور جو آنند دير-سوير توهان کي
ت ٿي ويندو.

☆ جيڪو ٻين کي سنيهہ، آنند ۽ نرپيڪتا ڏيندو آهي
هو اننت ڱُڻا سنيهہ ۽ آدر ڀاؤ پائيندو آهي. عام منُش
مهاپرشن ۾ اِيترو ئي فرق هوندو آهي تہ هوُ پرڪرتيءَ
ي نيم انوسار پرماتما جي آسري جيئندا آهن ۽ عام
نش سوارٿي بڻجي اگيان وس سکي ٿيڻ لاءِ انڌي ڊوڙ
ائيندو آهي.

☆ اگيانيءَ جي روپ ۾ جنم وٺڻ ڪو پاپ ناهي، مورکہ
ي روپ ۾ جنم وٺڻ ڪوئي پاپ نہ آهي، پر مورکہ ئي
ٽيو رهڻ ۽ سکہ-دکہ جو ٿفڙون ڪائي ڪمزور ۽ ڪانير ٿي
ريوءَ ڪان بيمکہ ٿي مري وڃڻ مهاپاپ آهي.

چاهي ٿو منهنجي هلي، نونهن چاهي ٿي منهنجي هلي، سس چئي منهنجي هلي، ڏيراڻي چئي منهنجي هلي، نران چئي منهنجي هلي. زال-مڙس، ماءُ-پيءُ، نونهن-پٽ، ڏير-ڏيراڻي وغيره سڀ چاهين ٿا منهنجي هلي، مونکي سک ملي مونکي مان ملي.

حقيقت ۾ سُک ۽ مانُ وٺڻ جي شيءِ ناهي، پر ڏيڻ جي شيءِ آهي. جيڪو سُک جو داتا آهي اهو دکي ڪيئن رهي سگهندو ؟ توهان سُک جا بکاري نہ بڻجو، مانُ جا بکاري نہ بڻجو پر سک ۽ مان ڏيڻ لڳو. ڪوئي سُک ۽ مانُ ڏي نہ ڏي اُن جي پرواهہ نہ ڪريو تہ توهان جي دل ۾ سُک ۽ مان جو پرڪاش ۽ مڌرتا پرگهٽ ٿيڻ لڳندي.

ڪوئي چوندو آهي : ”سائين ! فلاڻو ماڻهو ڏاڍي گپت شيوا ڪندو آهي. هُن ستسنگ ۾ بہ چڱي سيوا ڪئي. پوءِ هن کي تہ هار پهرائڻ جو موقعو ئي نہ مليس.“

اڙي ادا ! هارُ پهرائڻ جو موقعو نہ مليس تہ ڇا ٿيو ؟ اخبار ۾ نالو نہ آيو تہ ڇا ٿيو ؟ هوُ ايشور جو دئوي ڪاريہ ڪري ٿو تہ هنجو دلبر تہ هنجي سيوا سويڪار ڪري ئي رهيو آهي. ڇا ايشور جا ٻہ ئي هٿ آهن جو جنهن هٿ سان سيوا وٺي ان ئي هٿ سان بدلو بہ ڏئي ؟ نہ، نہ ! هزارين هٿ ايشور جا آهن ۽ بنا هٿن بہ ايشور توهان کي پنهنجو ڪرپا پرساد

تي بہ ڪمل جو بيو گل پئدا ٿي ويو. اهڙيءَ ريت جتي جتي هوُ
ر رکندو ويو اُتي اُتي ڪمل جو گل پئدا (اتپن) ٿيندو ويو ۽ اهو
وان گنگا نديءَ جي ٻي ڪناري تي جتي آدي شنڪرآچاريہ
هئا، پهچي ويو.

جتي جتي هوُ قدم رکندو ويو، اتي اتي پدم (ڪمل)
هت ٿيڻ جي ڪري هنجو نالو پيو ”پدم پاد آچاريہ“ شنڪر
ريہ جي مکيہ چئن پٽ ششن (ست ششن) مان، اڳتي هلي هي
م پاد آچاريہ ئي هڪ پٽ شش بڻيو.

چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ سچدانند پرمانند پرماتما جي
ڪتيءَ جو، سامرٿيہ جو بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. جنهن جي جيتري
دتا، جنهن جي جيتري سچائي، جنهن جي جيتري تتپرتا آهي
ري قدرت بہ هن کي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هوندي آهي. پدم پاد
اريہ جي آگيا پالڻ ۾ دردتا ۽ تتپرتا ڏسي گنگا نديءَ ۾ ڪمل جا
پرگهٽ ٿي ويا. شش جيڪڏهن دردتا، تتپرتا ۽ ايمانداريءَ
ن گرو آگيا پالڻ ۾ لڳي وڃي تہ قدرت بہ هن جي انڪول ٿي
دي آهي.

ماڻهون ڀڳوان کي ياد ڪندا آهن. جيتوڻيڪ انيہ پاوُ
ن پڪاريندڙ ڀڳتن کي ڀڳوان خود ياد ڪندو آهي.

گرو آگيا پالڻ جو چمتڪار

شرِيمد آديه شنڪر آچاريه جڏهن ڪاشيءَ ۾ نواس ڪندا هئا تڏهن گنگا ڪناري تي هر روز گهمڻ ويندا هئا. هڪ صُبح ڪنهن تيجسوي جوان ٻي ڪناري کان ڏٺو ته ڪوئي سنياسي گهمي رهيو آهي. ان نوجوان ٻي پر کان ئي کين پرڻام ڪيو. هن نوجوان کي ڏسي آديه شنڪرآچاريه اشارو ڪيس ته ’هن طرف اچ‘.

هن اوجسوي نوجوان ڏٺو ته مون هاڻ هن ساڌوءَ کي پرڻام ڪري چڏيو آهي، جنهن ڪري آءُ سندن شش ۾ هوُ منهنجا گرو بڻيا. هنن مونکي آگيا ڪئي آهي ته ’هن طرف اچ‘ هاڻي گرن جي آگيا جو اُلنگهن ڪرڻ به ته ٺيڪ ناهي. مگر هتي ڪا ٻيڙي ڪانهي ۽ مان ترڻ به ڪون ڄاڻان. هاڻ ڇا ڪريان ؟ سوچندي سوچندي هنجي من ۾ ويچار آيو ته هونءَ به ته هزارين دفعا اسان مري چڪا آهيون. هڪ دفعو اگر گرو درشن لاءِ ويندي مري وجون ته گهاٽو به ڪهڙو ؟

”گنگا ماتا جي جئه“ چئي هن نوجوان گنگا ندي ۾ قدم رکيو. سندس اچا شڪتي چئو، گرو شنڪراچاريه جو پرڀاوء چئو يا قادر جي قدرت چئو جتي هن نوجوان قدم رکيو اتي هڪ ڪمل پيدا ٿي ويو. هن جي پيرن کي جهلڻ لاءِ. جڏهن ٻيو قدم رکيائين

هڪ دفعي دروڻا آچاريہ، پانڊو ۽ ڪورَوَ ڏنش وديا جو پريوگہ
رڻ لاءِ ان بن ۾ آيا. هنن سان ساڻ هڪ ڪتو بہ هو جيڪو ٿورو
پرو نڪري وڃي اتي پهتو جتي ايڪلويہ پنهنجي ڏنش وديا جو
يوگہ ڪري رهيو هو. ايڪلويہ جا ڪليل وار، ڦاٽل ڪپڙا ۽ وچتر
س ڏسي ڪتو ڀونڪڻ لڳو.

ايڪلويہ ڪتي کي (لڳي نہ) چوٽ نہ رسي ۽ ان جو ڀونڪڻ بہ
د ٿي وڃي، اهڙي ڍنگہ سان ست باڻ هن جي منهن ۾ چنيڙائي
ڪائي) چڙهيا. ڪتو واپس اتي ويو جتي دروڻا چاريہ سان گڏ
ڊو ۽ ڪوروَ هئا.

ارجن اهو ڏسندو ئي رهجي ويو تہ ڪتي کي ايجاءُ نہ اچي،
ڙي ڍنگہ سان باڻ منهن ۾ گسائي چڙهڻ، اها وديا تہ مان بہ نٿو
ڻان. اهو ڪيئن ممڪن آهي ؟ هوُ گرو دروڻا چاريہ کي چوڻ لڳو،
گرو ديو ! توهان چيو هو تہ تنهنجي برابريءَ جو ٻيو ڪو بہ ڏنش
ري نہ ٿيندو پر اهڙي وديا تہ مونکي بہ ڪونہ ايندي آهي.
دروڻا چاريہ سوچڻ لڳو تہ هن بن ۾ اهڙو هوشيار ڏنش ڌاري
ير آهي ؟ اڳتي وڃي ڏسي تہ اهو هو هرٽيہ ڌنوءَ جو پٽ گرو ڀڳت
ڪلويہ.

دروڻا چاريہ پڇيو : ”پٽ اهڙي وديا تون ڪٿان سکيو
ين ؟“

انوکي گرو دکشڻا

ايڪلويه گرو دروڻاچاريه وٽ آيو ۽ چيائين ته ”گروديو مونکي ڌنش هلائڻ جي وديا سيکارڻ جي ڪرپا ڪريو.“

گرو دروڻ آچاريه لاءِ جڻ ڌرم سنڪٽ پئدا ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته هنن ڀيشم پتامهه کي وچن ڏنو هو ته فقط راجڪمارن کي ئي سکيا ڏيندس. ايڪلويه راجڪمار ناهي انکري هن کي ڌنش وديا ڪيئن سيکاريان؟ سو گرو دروڻا چاريه کيس ڌنش وديا سيکارڻ کان انڪار ڪيو.

ايڪلويه گهر کان ئي پڪو ارادو ڪري نڪتو هو ته مان فقط گرو دروڻا چاريه کي ئي پنهنجو گرو بڻائيندس. جن جي لاءِ من ۾ به هڪ دفعو گرو ڪرڻ جو ڀاءُ اچي ويو. انهن جي لاءِ ڪنهن به وهنوار ڪري شڪايت يا ٽيڪاٽپڻيءَ جي ورتي نه اچڻ ڏجي.

ايڪلويه ايڪانت بن ۾ ويو ۽ گرو دروڻا چاريه جي مٽيءَ جي مورتي ٺاهي. مورتيءَ ۾ يڪ ٽڪ نهاريندي ڏيائيندي ڪانئن پريرڻا پائي هوُ ڌنش وديا سکڻ لڳو. يڪ ٽڪ نهارڻ سان ايڪاگرتا ايندي آهي. ايڪاگرتا، گروڀڳتي، سچائي ۽ تتپرتا جي ڪري کيس پريرڻا ملڻ لڳي. گيان ڏاتا ته پرماتما آهي. هوُ ڌنش وديا ۾ ڏاڍو اڳتي وڌي ويو.

صحت سنسار

اِنسان لاءِ تندرستي مکيه ڳالهه آهي، ماڻهون جيڪڏهن
رست آهي ته سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. پر جي بيمار آهي ته
هنوار ڪري سگهندو ۽ نڪي پرمارٿ. ”يڪ تندرستي هزار
ت“. تندرستيءَ جو وڏو اونو رکو. قدرتي قانونن موجب هلو.
ڪڏهن شرير ۾ سُور هجيوَ ته ڊاڪٽرن ڏانهن نه ڊوڙو- ڪارا
ج ۽ سونف صبح شام پاڻيءَ سان وٺندا ڪريو. جيڪڏهن ڪجلي
رش) ٿي پئيو ته ڳَوُنت (ڳانءِ جو پيشاب) گرم ڪري ان جيَ
 ڪي مالش ڪريو. ڳئو موُتر ڏاڍو فائديمند آهي. ڳئو ماتا جي
، ڳَوُنت خواه ڇيڻي ۾ ڪيترائي ڳڻ آهن. جن ڪي اسان پلائي
بو آهي.

بيو ٻُڌيءَ ڪي تيجسوي بڻائڻ لاءِ هر روز صبح جو سويل
ج ڪي ارگيه ڏجي (جل چڙهائجي). پرارٿنا ڪري جيون ڪي
جسوي بڻائڻ جو سنڪلپ ڪرڻ گهرجي. بنا پدارٿ يا وستوءَ جي
ـ نهندو آهي. انڪري جل ۽ پشپ ملي ته انهن سان يا جل نه
 ته ريتيءَ جي لپ ئي ڪٽي ڪري سج ڪي ارگيه ضرور ڏجي.
ڪ پشپ يا پتر ڏيئي پرڻام ڪريو. سنڪلپ تڏهن نهندو آهي
هن ڪا وستو ڳڏ هوندي آهي ۽ سنڪلپ جي بنا ڪرم لايدايڪ
ٿيندو آهي. اهو ڌارمڪ شاسترن جو پڪو نيم آهي.

ايڪلويہ: ”گرو ديو ! توھانجي ڪرپا سان ئي سکيو آهيان.“
دروڻاچاريہ ٺ وچن ڏئي چڪو هو تہ ارجن جي برابريءَ جو ڏنش ڌاري پيو ڪو بہ نہ ٿيندو. پر هيءَ تہ اڳتي نڪري ويو. گروءَ لاءِ ڌرم سنڪٽ اچي ٿيو. ايڪلويہ جي اتوت شرڌا ڏسي دروڻاچاريہ چيو : ”منهنجي مورتيءَ کي سامهون رکي تون ڏنش وڌيا تہ سکين پر گرودکشڻا ؟“
ايڪلويہ چيو : ” توهين جيڪي گھرو ؟“
دروڻا چاريہ چيو : ”تنهنجي ساڄي (ڏاهي) هٿ جو آڱوٺو؟“
ايڪلويہ هڪ پل بہ ويچار ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي ڏاهي هٿ جو آڱوٺو وڍي گروديو جي چرنن ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيو.
دروڻا چاريہ چيو : ” پٽ ! ڀلي ارجن ڏنش وديا ۾ سڀني کان اڳرو رهندو چاڪاڻ تہ(مان وچن ڏئي چڪو آهيان پر جيسين سوريہ، چندر، نکشترن جو استيتو رهندو تيسين ماڻهو تنهنجي گرونشٺا جو، تنهنجي گرو ڀڳتيءَ جو سمرڻ ڪندا، تنهنجو يش ڳائيندا رهندا.
هنجي گرو ڀڳتي ۽ ايڪاگرتا جي ڪارڻ هن کي فقط ڏنش وديا ۾ سڦلتا ملي، پر سنتن جي هرديہ ۾ بہ هنجي لاءِ آدر پئدا ٿي ويو. ڏن آهي ايڪلويہ جيڪو گرو مورتي مان پريرڻا پائي ڏنش وڌيا ۾ سڦل ٿيو ۽ جنهن اڏيت گرو دکشڻا ڏيئي ساهس تياڳ ۽ سمرپڻ جو انوکو مثال ڏنو.

جو شيون ورتائڻ اُپيوگي ٿينديون آهن. رشي واگڀٽ جي
انوسار اونهاري ۾ منيون، هلڪيون، سٽيبون، سيتل ۽ پتريون
خاص ڪري ورتائجن. هن مند ۾ ميون ۾ هنداڻو، گدرو،
بي، نارنگي، ڪيلو، مٺا انب، مٺا انگور وغيره ۽ ڀاڄين ۾
ڪريلا، پڪل ڳاڙها ٽماٽا، ڦودنو، ساوا ڌاڻا، ليمو وغيره ورتائجن.
وهار : هن مند ۾ صبح جو کلي تازي هوا کائڻ، يوگ آسڻ،
ت، تيل جي مالش ڪرڻ هتڪاري آهي.
اپٿيہ (پرهيز) : تکا مرچ-مصالا، گهڻو تيل ۽ ڪاريون، سڪل،
، ڪساريون، چٽپٽيون ڪوڙيون ۽ بدبودار شيون نہ کائجن.
جو دير تائين جاڳڻ، صبح جو دير تائين سميو رهڻ يا ڏينهن
بد ڪرڻ، گهڻو وقت اُس ۾ گهمڻ، ڪٺور محنت ڪرڻ، ڏاڍي
ت، وڌيڪ استري-پرش جو سنجوڳ، اڇ-بڪ سهڻ، مل-مُوتر
روڪڻ نقصانڪار آهي.
خاص : اونهاري جي مند پٽ دوشن جي پرڌانتا جي ڪري
جا روڳ وڌيڪ ٿيندا آهن جهڙوڪ جلن، تپت (گرمائش)، آلس،
ا، بدهاضمو، دست، اکين جون بيماريون وغيره. انڪري
ن ۾ گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت مٿي تي ڪپڙو رکجي ۽ هڪ
